# يقين جون برڪتون

**23-May-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

23 مئي 2024 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# يقين جون برڪتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ.........

- ✿... باھ گلن جو باغ بڻجي وئي
- ✿.. دورِحاضر جو سيني ڪان وڏو مسئلو
- ✿... يقين جي برڪتن سان جنت ملي وئي
- ✿... چور قطب ڪيئن بڻيو...؟

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَاحَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَانُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي ڏهه (10) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه (10) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، الله پاڪ ان تي سؤ (100) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سؤ (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.(1)

نامِ حضرت پہ لاکھ بَار دُرود — بے عَدد اور بے شُمار دُرود

ہم کو پڑھنا خدا نصیب کرے — دَم بدَم اور بَار بَار دُرود

مومنو! آپ پر پڑھے جاؤ — با اَدب اور باوَقار دُرود

جو محِبّ نبی ہے اے کافیؔ! — چاہیے اس کو بار بار دُرود(2)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي درود پاڪ جي عظيم الشان برڪت آهي جو هن جي صدقي دل مان منافقت جا اثرات ختم ٿيندا آهن ۽ ايمان مضبوط ٿي ويندو آهي. علامہ اِبْنِ حجر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: درود پاڪ هڪ نيڪي ناهي بلڪ هي ڪيئي

[1]...معجم اوسط ، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235۔

[2]... کافی کی نعت، صفحہ:38۔

نيڪين جو مجموعو آهي❁ درود پاڪ پڙهڻ سان ايمان تازو ٿيندو آهي، هي هڪ نيڪي ❁ درود پاڪ جي برڪت سان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي يقين وڌندو آهي، هي ٻي نيڪي ❁ درود پاڪ پڙهڻ ۾ تعظيمِ مصطفيٰ آهي، هي ٽئين نيڪي، ❁ درود پاڪ پڙهڻ سان آخرت تي ايمان پڪو ٿيندو آهي، هي چوٿين نيڪي ❁ درود پاڪ ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي احسانن جو ذڪر آهي، هي پنجين نيڪي❁ درود پاڪ ۾ نيڪن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر آهي ۽ نيڪن جي ذڪر تي رحمت لهندي آهي، هي ڇهين نيڪي.[1] اهڙي طرح ٻيون به ڪوڙ نيڪيون آهن جيڪي هڪ درود پاڪ جي ضمن ۾ اچن ٿيون. انڪري اسان کي گهرجي ته دل ۾ ايمان وڌائڻ، عشقِ مصطفيٰ کي پروان چاڙهڻ ۽ الله پاڪ جي رحمتن جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندا رهون.

نبی کی شان میں ہو جس قدر دُرود پڑھو! | مُحِبّو! پاؤ گے جنّت میں گھر دُرود پڑھو!
جو اپنے کاموں کا انجام نیک چاہتے ہو | ہر ایک کام میں تم پیش تر دُرود پڑھو!
ہزار دَرد کو یہ ایک دَوا کفایت ہے | جو پیش آئے ذرا بھی خطر دُرود پڑھو![2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان

[1] ڪافی کی نعت، صفحہ:38۔

[2] ... الدر المنضود، مقدمہ، الفائدۃ الرابعہ...الخ، فوائد فی الامر بالصلاۃ علیہ، صفحہ:22۔

[3] ...بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

ٻڌڻ ڪان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو!
۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان دوران سُستي ڪان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي جيڪي ڏينهن هلي رهيا آهن، ذُوالقَعدةِ الحَرام جو مهينو جاري آهي، عنقريب ذُوالحج شريف تشريف ڪٽي ايندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ عاشقانِ رسول سُنّت ابراهيمي کي ادا ڪرڻ جي لاءِ قربانيون ڪندا، ڪي خوش نصيب حج جي لاءِ به پهچي چڪا آهن ۽ ڪي پهچي رهيا آهن، اُتي به حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت هَاجره يعني آلِ ابراهيم عَلَيْهِم السَّلَام جون يادون ملهايون وينديون آهن.

هي مبارڪ ڏينهن اسان کي خاص طور تي ايمان ۽ يقين جو سبق ڏين ٿا، الله پاڪ تي، ان جي رحمت تي، ان جي عطائن تي، پڪّو يقين رکڻ، بغير ڏسڻ جي الله پاڪ کي مڃڻ، ان جي وعدي تي انتهائي مضبوط يقين رکڻ، هي هنن برڪتن وارن ڏينهن جو خصوصي سبق آهي. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي پاڪيزه سيرت کي ڏسو! بي مثال ايمان ۽ يقين ڪان پري پئي آهي.

## باهه گُلن جو باغ بڻجي وئي.....!!

واقعو وڏو مشهور آهي، اوهان ڪوڙ دفعا ٻڌو به هوندو، قرآن ڪريم ۾ به هن واقعي جي ڪجهه تفصيل بيان ڪئي وئي آهي، نمرود وقت جو ظالم بادشاه هو، اُن جي هڪ وڏي سَلطَنت هئي، هي بدبخت خُدائي جي دعوا ڪري چڪو هو، اَسْتَغْفِرُاللّٰه ماڻهو سندس پوڄا ۾ مصروف هئا، يعني هڪ پاسي پوري سلطنت آهي، ٻئي طرف اڪيلا حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام، اهڙي ماحول ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اڪيلي حق جو ڪلمو بلند فرمايو، ماڻهن کي نيڪي جي

دعوت ڏيڻ شروع ڪئي.

نمرود کي هي سڀ ڪيئن ٿي برداشت ٿي سگهيو، اُن بدبخت هڪ وڏي باهه مچائڻ جو حڪم ڏنو، جيئن تہ ڪيئي ڏينهن تائين ڪاٺيون جمع ٿينديون رهيون، هڪ وڏي چؤديوار ٺاهي وئي، هڪ تمام وڏو مچ ٻاريو ويو. ڪتابن ۾ لکيل آهي: هي ايتري وڏي باهه هئي جو ڪيترائي ميٽر مٿي اڏندڙ پکي بہ ان باهه جي مٿان گذري نہ سگهندا هئا، ڪو پکي گذرندو هو تہ سڙي ڪِري پوندو هو، ايتري وڏي باهه ٻاري وئي، هاڻي منجنيق (يعني پٿر اڇلڻ جي مشين)تيار ڪئي وئي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي منجنيق ۾ ويهاري ڪري باهه جي طرف اڇلايو ويو....!![1]

هاڻي هتي يقين جو عالم ڏسو! صرف باهه ۾ وجهڻ جون ڌمڪيون نہ پئي ڏنيون ويون، باهه ۾ وجهڻ جو صرف ڏينهن ۽ وقت مُقرَّر نہ پئي ڪيو ويو، ايئن ناهي تہ هاڻي باهه ۾ وجهڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن بلڪ باهه جي طرف اڇليو ويو آهي.

بِلا تَمْثِيل (يعني رڳو سمجهائڻ جي لاءِ) عرض ڪيان ٿو، ڪنهن کي قيد ڪيو وڃي تہ اُمّيد هوندي آهي تہ شايد ڪٿان ڪو بچڻ جو رستو نڪري اچي، ڪنهن کي سزا ٻڌائي وڃي، تڏهن بہ اُمّيد هوندي آهي تہ شايد رهائي جي ڪا صورت نڪري اچي، هتي اهو معاملو ناهي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي باهه جي طرف اڇليو ويو آهي يعني اُمّيدن جو وقت ختم ٿي چڪو آهي، هاڻي اها گهڙي آهي جو عام ماڻهن جون هن مهل ۾ سڀئي اُميدون ختم ٿي وينديون آهن پر قربان وڃو! هي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام آهن، هي بيمثال ايمان واري هستي آهن، باڪمال يقين رکندڙ شخصيت آهن، روايتن ۾ لکيل آهي: جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي باهه جي طرف اڇليو ويو، تہ حضرت جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام! حاضر ٿيا، عرض ڪيائين: اي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام! ڪنهن شيءِ جي حاجت هجي تہ حڪم فرمايو!

---

[1] قرطبی، پارہ:17، سورۃ الانبیا، زیرِ آیت:68، جلد:6، صفحہ:146بتصرف۔

فرمايائون: حاجت آهي پر اي جبريل! اوهان کان نہ۔ عرض ڪيائين: پوءِ جنهن کان حاجت آهي، انهيءَ کي عرض ڪيو: فرمايائون: عِلۡمُهٗ بِحَالِیۡ خَیۡرٌ مِّنۡ سُوَالِی يعني اي جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام! مان ڪهڙي حالت ۾ آهيان، ربّ ڪريم ڄاڻي ٿو، ان جو ڄاڻڻ منهنجي گهرڻ کان وڌيڪ بهتر آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙو بيمثال يقين آهي، الله پاڪ جي رحمتن تي، ان جي عنايتن تي ڪيتري قدر ايمان آهي، پوءِ ان ايمان جو نتيجو بہ ڏسو! ڪيترو عظيم نڪتو، حڪم ٿيو:

يٰنَارُ كُوۡنِیۡ بَرۡدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰۤی اِبۡرٰهِیۡمَ ﴿۶۹﴾ ترجموڪنزالعرفان: اي باھ ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي وڃ.

الله اڪبر! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو ايمان پڪّو هيو، يقين بيمثال هو تہ ربّ ڪريم سندن جي لاءِ ايڏي وڏي باھ کي گلن جو باغ بڻائي ڇڏيو.

## نمرود سڙي خاڪ ٿي ويو

روايتن ۾ آهي: حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي جڏهن باھ ۾ وڌو ويو تہ سندن ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ نمرود پنهنجي محل جي ڇت تي چڙهيو، هي ڏسڻ جي لاءِ تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ڪهڙي حالت ۾ آهن، جڏهن اُن ڏٺو تہ حيران رهجي ويو تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام باھ ۾ آرام سان ويٺا آهن ۽ باھ سندن جي لاءِ گلن جو باغ بڻجي وئي آهي.

هاڻي نمرود سوچيو تہ شايد هن باھ ۾ ڪو مسئلو آهي، هي باھ ئي ساڙڻ واري ناهي، جيئن تہ ان تجربو ڪرڻ جي ارادي سان هڪ شخص کي باھ ۾ اڇليو، جيئن ئي اهو باھ ۾ ڪريو تہ يڪدم ئي سڙي خاڪ ٿي ويو، يعني باھ پنهنجي طبيعت تي هئي، باھ جو ڪم ساڙڻ آهي سا اها ساڙي رهي هئي، پر حضرت

[1] قرطبی، پاره:17، سورة الانبيا، زيرِ آيت:68، جلد:6، صفحہ:146بتصرف۔

ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي لاءِ گلن جو باغ بڻجي وئي هئي. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جو هي عظيم الشان معجزو ڏسي ڪري ڪيترائي ماڻهو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي ايمان ۽ يقين جي برڪت...!! ڊاڪٽر اقبال چئي ٿو:

آج بھی ہو جو ابراہیم سا ایماں پیدا | آگ کر سکتی ہے اندازِ گُلستاں پیدا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي صرف شاعراڻي ڳالهه ناهي، حقيقت آهي جڏهن ايمان پڪّو ٿي وڃي، يقين مضبوط ٿي وڃي، ربّ ڪريم جون رحمتون ضرور نصيب ٿي وينديون آهن.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت اَبُو مُسلم خولاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو يقين

حضرت ابو مسلم خولاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن کي هن اُمت جو حڪيم چيو وڃي ٿو، پاڻ تابعي بُزرگ آهن، يمن جا رهاڪو هئا. سندن دور ۾، سندن علائقي جي اَسوَد عَنسِي نالي بدبخت نُبُوّت جي ڪوڙي دعوا ڪئي، اَسوَد عنسي هڪ ڏينهن ڪيس زبردستي پاڻ وٽ گهرائي پڇيو: ڇا تون گواهي ڏين ٿو تہ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا رسول آهن؟ فرمايائون: هائو، بلڪل(حضرت مُحمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا سچا نبي آهن، منهنجا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، مان سندن تي ايمان رکان ٿو) اَسوَد وري پڇيو: ڇا توهان گواهي ڏيو ٿا تہ مان الله پاڪ جو رسول آهيان؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه (نهايت سادگي سان) فرمايو: مون ناهي ٻڌو تہ تون ڇا ٿو چئين. هي ٻڌي ڪري اَسوَد عَنسي کي ڪاوَڙ آئي، ان فوراً حڪم جاري ڪيو تہ هڪ وڏي ۽ خوفناڪ باهہ ٻاري وڃي. ان جي ساٿين يڪدم باهہ ٻاري. هاڻي حڪم ڏنائين: ابومسلم کي هن ٻرندڙ باهہ ۾ اڇليو وڃي. سو سندن کي هن ٻرندڙ خوفناڪ باهہ ۾ وڌو ويو.

پر واهہ سُبۡحٰنَ الله! جهڙي طرح الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام تي باهہ کي ٿڌو

۾ سلامتي وارو بڻائي ڇڏيو هو، ايئن ئي حضرت ابو مُسلم خولاني رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه جي لاءِ بہ باھ سلامتي واري ٿي وئي، الله پاڪ جي فضل سان پاڻ صحيح سلامت باھ کان ٻاهر تشريف کڻي آيا. هي حيرتناڪ منظر ڏسي ڪري اَسوَد عَنسي کي پنھنجي ڪوڙي نبوت خطري ۾ پوندي نظر اچڻ لڳي، ان کي هاڻي خوف ٿيڻ لڳو تہ جيڪڏهن هي معاملو مشھور ٿي ويو تہ ماڻھو منھنجي نُبُوّت کي هرگز نہ مڃيندا، جيئن تہ ان سندن کي يمن مان ڪڍي ڇڏيو تہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه مديني شريف حاضر ٿي ويا.[(1)]

غُلامی میں نہ کام آتی ہیں شمشیریں، نہ تدبیریں
جو ہو ذوقِ یقیں پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں
کوئی اندازہ کر سکتا ہے اس کے زورِ بازُو کا
نگاہِ مردِ مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں[(2)]

**وضاحت:** انسان غلام بڻجي وڃي تہ نہ تلوارون ڪم اينديون آهن، نہ عقلمندن جون تدبيرون ڪم اينديون آهن، هي صرف يقين جو ذوق آهي، هي نصيب ٿي وڃي تہ هر مشڪل جو حل نڪري ايندو آهي. مومن مرد يعني پڪّي يقين ۽ سچي ايمان واري انسان جي نگاھ جو ڪمال هي آهي جو جنھن تي پئجي وڃي، ان جي تقدير بدلجي ويندي آهي، جڏهن ان جي نگاھ جو اهو عالم آهي تہ ان جي ٻازو جي همّت ۽ زور جو اندازو ڪير ٿو ڪري سگهي...؟

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان ۽ يقين جو بي مثال واقعو

---

[1] حلية الاولياء،جلد:2،صفحہ:150 - 151 ملتقطًا۔

[2] ...كليات اقبال(اردو)، بانگ دار، صفحہ:301۔

پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان ۾ يقين جو هڪ بيو بيمثال واقعو ٻڌو! 3 ماڻهن جو هڪ قافلو هيو، ملڪ شام کان روانو ٿيو، ان قافلي ۾ ۞ هڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ۞ هڪ سندن زوجهءِ مُحترم حضرت هاجره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها ۞ هڪ سندن ننڍڙا صاحبزاده اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام هئا. حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام به انهن سان گڏ هئا جيڪي رستو ٻڌائي رهيا هئا.

هاڻي ٿورو غور ڪيو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ 90 سال کان به مٿي هئي، اُن وقت ڪين پٽ عطا ٿيو، هاڻي حڪم ٿيو ته اي ابراهيم! پنهنجي پٽ ۽ سندس امڙ کي غيرآباد زمين ۾ ڇڏي اچو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي اطاعت جو جذبو ڏسو! پنهنجي سڪيلڌي ۽ ڪيرپياڪ شهزادي کي وڃي غيرآباد زمين ۾ ڇڏڻ جي لاءِ وڃي رهيا آهن ۽ ڪمال ڏسو! روايتن ۾ آهي: حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اطاعت جي شوق ۽ محبت ۾ باربار پڇن پيا: اي جبريل! ڇا اسان منزل تي پهچي وياسين؟ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪن پيا: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام اجان ناهيون پهتا.

ايئن ٿي، هلندي هلندي هڪ ويران وادي آئي، هتي نه پاڻي هو، نه ڪاڻو هو، پري پري تائين ڪو انسان ته ڇا پکي به نظر نه ايندو هو، هتي هڪ وڏو جبل به هو.. هي ڪهڙي جاءِ هئي؟ جتي مڪي شريف جو مبارڪ شهر هو ۽ هي جبل اهو مقام هو، جتي اَڄ ڪعبو شريف موجود آهي... هتي پهچي ڪري حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام! هي ئي اها جاءِ آهي. هاڻي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سُواري تان لٿا، پنهنجي ننڍڙي شهزادي ۽ زوجهءِ محترم کي هتي ويهاريو، ٿورو پاڻي، ٿوريون کجورون ڏئي واپس وڃڻ لڳا! هاڻي حضرت هاجره رَضِیَ اللهُ عَنْها پويان آيون، عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام! اسان کي ڪنهن جي آسري ڇڏيو ٿا وڃو؟ پاڻ خاموش رهيا. وري پڇيائون: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام! اسان کي ڪنهن جي آسري ڇڏيو ٿا وڃو؟ پاڻ وري خاموش رهيا. حضرت بيبي هاجره رَضِیَ اللهُ عَنْها ٽيون ڀيرو پڇيو ۽

هاڻي سوال کي ٿورو تبديل ڪري عرض ڪيو: آللّٰهُ اَمَرَكَ بِهٰذَا يعني اي الله پاڪ جا نبي عَلَيۡهِ السَّلَام! ڇا الله پاڪ اوهان کي ان جو حڪم ڏنو آهي؟ فرمايائون: هائو! الله پاڪ جو حڪم آهي.

هاڻي يقين ڏسو! ايمان جي مضبوطي ڏسو! غير آباد زمين آهي ❁ نه پاڻي آهي ❁ نه ڪاڏو آهي ❁ نه ڪو انسان آهي ❁ نه ڪو پڪي پڪڻ آهي ۽ ساڻس ننڍو شهزادو به آهي، ان جي باوجود حضرت بيبي هاجره رَضِيَ اللهُ عَنۡها وڏي يقين ۽ اطمينان سان چيو: اِذًا لَا يُضَيِّعُنَا اللهُ يعني اي الله پاڪ جا نبي عَلَيۡهِ السَّلَام! جيڪڏهن هي الله پاڪ جو حڪم آهي، پوءِ ته اوهان خيريت سان وڃو! الله پاڪ اسان کي هرگز ضايع نه فرمائيندو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪرڻ جو مقام آهي، بيابان علائقو آهي، پري پري تائين زندگي جو نالو ۽ نشان ناهي، ظاهر ۾ ڪا اهڙي شيءِ ناهي جنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي...! پر الله پاڪ تي ايمان آهي ❁ اهو ربّ قدرتن وارو آهي ❁ الله پاڪ اهو آهي جيڪو مُردي مان زنده ڪڍي سگهي ٿو ❁ الله پاڪ اهو آهي جيڪو رات کي ڏينهن ۽ ڏينهن کي رات بڻائي سگهي ٿو الله پاڪ اهو آهي جيڪو غيرآباد زمين کي سرسبز ۽ شاداب بڻائي ڇڏيندو آهي ❁ الله پاڪ اهو آهي جيڪو صحراء ۾ به چشما جاري فرمائي ڇڏيندو آهي، تنهنڪري صرف الله پاڪ تي يقين آهي، ❁ هتي پاڻي ناهي ته ڇا ٿي پيو؟ اهو ربّ پاڻي عطا فرمائڻ وارو آهي، ❁ هتي کاڌي جي لاءِ ڪجھ ناهي ته ڇا ٿي پيو ربّ ڪريم رزق ڏيڻ وارو آهي، ❁ هتي زندگي جا (ظاهري) آثار نظر نٿا اچن ته ڇا ٿي پيو، ربّ ڪريم بيابات زمين کي آباد فرمائڻ وارو آهي، لهٰذا الله پاڪ جا نبي عَلَيۡهِ السَّلَام! اوهان خيريت سان وڃو! جڏهن ربّ جو حڪم آهي ته اسان هتي رهون ته اسان هتي ئي رهنداسين، الله پاڪ اسان کي ضايع نه فرمائيندو.

---

[1] بخاری، کتاب احادیث الانبیا، باب یَزِفُّونَ...الخ، صفحہ:858، حدیث:3364۔

يقيں...!! مِثلِ خَلیلِ آتش نَشِینِی
يقيں...!! اللہ مستی، خُود گَزِینِی
سُن اے تہذیبِ حاضِر کے گرفتار!
غُلامی سے بدتَر ہے بےیقینی

وضاحت: يقين ڇا آهي؟ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جيان بنا خوف جي باھ کي قبول ڪرڻ جو نالو آهي، يقين ڇا آهي؟ محبّتِ الٰهي ۾ غرق ٿي وڃڻ ۽ پنهنجي اصلاح ۾ لڳي وڃڻ جو نالو آهي. اي دورِ حاضر جي نئين تهذيب جا ديوانؤ...!! بي يقيني غلامي کان بہ وڌيڪ بُري شيءِ آهي.

اي عاشقانِ رسول! هن ايمان ۽ پڪي يقين جي برڪت بہ تہ ڏسو! ۞ غيرآباد علائقو هو، اَڄ اُتي رونقون ئي رونقون آهن ۞ اُتي پيئڻ جي لاءِ پاڻي هڪ ڍڪ بہ نہ هيو، الله پاڪ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي پيرن سان زم زم جو چشمو جاري فرمايو، اَڄ تائين دنيا هن چشمي جو پاڻي پي رهي آهي پر اهو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي ۞ اتي پري پري تائين زندگي جا آثار ئي نظر نہ ايندا هئا پر جتي الله پاڪ جي هن ٻانهي حضرت هاجره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جا قدم لڳا هاڻ الله پاڪ ان صفا ۽ مروه جي سعي(يعني انهن پهاڙين جي وچ ۾ ڊوڙڻ) کي قيامت تائين حاجين جي لاءِ واجب فرمائي ڇڏيو.

## دورِ حاضر جو سيني کان وڏو مسئلو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش اسان کي بہ مضبوط ايمان ۽ پڪو يقين نصيب ٿي وڃي! اڄوڪي دور جو سيني کان وڏو مسئلو جنهن کي اسان ڇئي سگهون ٿا، اها بي يقيني جي ڪيفيت آهي. اَڄ اُمّتِ مسلمہ اجتماعي طور تي ڪيئي طرح جي مسئلن ۾ ڦاٿل آهي. غربت عام آهي مشڪلات آهن، هر ٻيو انسان مشڪلات ۾ ڦاٿل آهي. لڙائي جهيڙا آهن. نااتفاقي آهي. دنيا ۾ ڪيئي

جڳهه تہ مسلمان ويچارا ظلم ۽ ستم جي چڪيءَ ۾ پيڙهجي رهيا آهن، الله پاڪ انهن جي غيب کان مدد فرمائي، اَلحَمۡدُلله! مسلمانن تاريخ جا شاندار ڪارناما انجام ڏنا آهن، الله ڪريم مسلمانن کي وڏي شان ۽ شوڪت سان نوازيو آهي پر هاڻي حالات ڪجهه ٻي طرح جا هلي رهيا آهن، ان جو سبب ڇا آهي؟ اُن تي جيڪڏهن تجزيو ڪيو وڃي تہ شايد ڪوڙ سارا سبب اسان جي سامهون ايندا پر انهن سڀني جو هڪ سبب، جنهن کي شايد سڀني کان وڏو سبب بہ چئي سگهجي ٿو، اها بي يقيني آهي، پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد مبارڪ ٻڌو! مشهور صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡه فرمايو: مَااَخَافُ عَلٰى اُمَّتِى اِلَّا ضَعۡفَ الۡيَقِيۡنِ يعني مون کي پنهنجي اُمّت تي خوف ناهي پر يقين جي ڪمزوري جو. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت تائين جو علم رکڻ وارا آهن، قيامت تائين ڇا ڪجهه ٿيندو، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام حالات کان واقف آهن، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻيندا هئا تہ منهنجي اُمت شرڪ ۾ مبتلا نہ ٿيندي، منهنجي اُمّت الله پاڪ جو انڪار نہ ڪندي، ها منهنجي اُمّت کي جيڪو مسئلو درپيش ٿيندو، اهو يقين جي ڪمزوري آهي.

هڪ ٻي حديث شريف ٻڌو! رسول رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: نَجَااَوَّلُ هٰذِهِ الۡاُمَّةِ بِا لۡيَقِيۡنِ وَ الزُّهۡدِ هن اُمت جا پهريان ماڻهو يقين ۽ دنيا کان بي رغبتي جي ذريعي نجات ماڻي ويا وَ يَهۡلِكُ آخِرُ هٰذِهِ الۡاُمَّةِ بِالۡبُخۡلِ وَالۡاَمَلِ ۽ هن اُمت جا آخر ۾ اچڻ وارا ڪنجوسي ۽ ڊگهين اميدن جي سبب هلاڪ ٿي ويا. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! سمجهڻ جي ڳالهہ آهي، هن اُمت جا پهريان جا ماڻهو پڪي يقين جي برڪت سان نجات ماڻي ويا ۽ آخر ۾ اچڻ وارا ڪنجوسي ۽ ڊگهين اميدن جي سبب هلاڪ ٿي ويندا. ڪنجوسي ڇا آهي؟ هڪ بي يقيني جي ڪيفيت آهي، جڏهن ٻانهي کي الله پاڪ جي رازق هجڻ تي پڪو يقين ناهي

[1] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحہ:24، حدیث:9۔
[2] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحہ:19، حدیث:3۔ ۔

هوندو تہ ھُو ڪنجوسي ڪندو آھي. مطلب تہ ھي بي يقيني آھي جنھن جي ڪري ھي اُمّت ھلاڪت ۾ وڃي پوندي آھي.

## بي يقيني جون ڪجھ مثالون

افسوس! اَج ھي بي يقيني جي ڪيفيت عام ٿيندي پئي وڃي. اسان اَلحَمدُلله! مسلمان آھيون، الله پاڪ تي ايمان رکون ٿا پر افسوس! ❁ اسان مجون تہ ٿا الله پاڪ رزّق ڏيڻ وارو آھي، پوءِ بہ مال جي پنيان ڀڄندا آھيون، ڪو لنڊن، پيرس جا خواب ڏسي ٿو، ڪو وياج جو سھارو وٺي ٿو ۽ ڪجھ نادان تہ اھڙا بہ آھن جيڪي مَعاذالله پيسن جي خاطر ايمان جو سودو ڪري ڇڏيندا آھن ❁ اسان مجون ٿا تہ الله پاڪ مُشڪلات کان نجات ڏيارڻ وارو آھي پر پريشان ۽ ڊپريشن جو شڪار رھون ٿا ❁ اسان مجون ٿا تہ نماز دنيا ۽ آخرت سنواريندي آھي پر اسان نماز ڪي دنيا تي ترجيح ڏيون ٿا.❁ اسان مجون ٿا تہ مسلمان جي ترقي قرآن تي عَمَل ڪرڻ ۾ آھي پر قرآن نہ پاڻ پڙھون ٿا، نہ ٻارن کي پڙھايون ٿا ❁ اسان مجون ٿا تہ الله پاڪ دعائون قبول فرمائي ٿو پر بي يقيني آھي، اَوَّل تہ دعا گھرڻ وارا ئي گھٽ آھن، گھرندا بہ آھن تہ بي يقيني سان گھرندا آھن.

## جھرڪي ۽ انڊو نانگ

امير اھل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ لکن ٿا:
ھڪ پيرو ڏاڙيلن جو ھڪ ٽولو ڦر جي لاءِ اھڙي جڳھ تي پھتو جتي ڪجور جا ٽي وڻ ھئا. انھن مان ھڪ وڻ خشڪ (يعني بغير ڪجور جي) ھو. ڏاڙيلن جي سردار جو بيان آھي: مون ڏٺو تہ ھڪ جھرڪي ميوي واري وڻ تان اڏري خشڪ وڻ تي وڃي آھي ۽ ٿوري دير کان پوءِ اڏري ميوي واري وڻ تي آئي آھي پوءِ اتان اڏري ٻيھر انھي خشڪ وڻ تي وئي آھي. اھڙي طرح ان جھرڪي تمام گھڻا چڪر لڳايا. مان تعجب وچان خشڪ وڻ تي چڙھيس تہ ڇا ڏسان ٿو تہ اتي ھڪ انڌو نانگ منھن کولي وينو آھي ۽ جھرڪي ان جي منھن ۾ ڪجور رکي

وجي ٿي. اهو ڏسي مان روئي پيس ۽ الله تعالي جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: **اي منهنجا رب پاڪ!** هڪ طرف هي نانگ آهي جنهن کي مارڻ جو حڪم تنهنجي نَبي مُحترم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏنو آهي، پر جڏهن تو ان جون اکيون وٺي ڇڏيون تہ ان جي گذاري جي لاءِ هڪ جهرڪي مقرر فرمائي ڇڏي، ٻئي طرف مان تنهنجو مسلمان ٻانهو هجڻ جي باوجود مسافرن کي ڏيجاري ۽ ڌمڪائي ڪري ڦُر ڪريان ٿو. انهيءَ وقت غيب مان هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو: اي فلاڻا! توبهہ جي لاءِ منهنجو دروازو کليل آهي. اهو ٻُڌي مان پنهنجي تلوار ٽوڙي ڇڏي ۽ چوڻ لڳس: "مان پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي، مان پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي". پوءِ اُهو ئي **غيبي آواز** ٻُڌڻ ۾ آيو: "اسان تنهنجي توبهہ قبول ڪري ڇڏي آهي". جڏهن مون پنهنجي ساٿين وٽ اچي اهو واقعو ٻڌايو تہ چوڻ لڳا: اسان بہ پنهنجي پياري پياري الله پاڪ سان صلح ڪريون ٿا. ۽ پوءِ تہ انهن بہ سچي دل سان توبهہ ڪئي ۽ سڀ حج جي ارادي سان مڪہ مڪرمہ جي طرف هليا. ٽي ڏينهن سفر ڪندي هڪ ڳوٺ ۾ پهتاسين، تہ اتي هڪ نابينا پوڙهي عورت ڏٺي جيڪا منهنجو نالو وٺي پڇڻ لڳي تہ ڇا هن قافلي ۾ اهو بہ آهي؟ **مون اڳتي** وڌي ڪري چيو: جي ها! اهو مان ئي آهيان چئو ڇا ڳالهہ آهي؟ پوڙهي اتي ۽ گهر جي اندران ڪپڙا ڪڍي آئي ۽ چوڻ لڳي: ڪجهہ ڏينهن ٿيا آهن تہ منهنجو نيڪ پٽُ انتقال ڪري ويو آهي، هي انهيءَ جا ڪپڙا آهن. مون کي ٽي راتيون لڳاتار سرور ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خواب ۾ تشريف ڪڍي آيا تنهنجو نالو وٺي ارشاد فرمايائون تہ "هو اچي رهيو آهي، هي ڪپڙا ان کي ڏئي ڇڏجو.

(روض الرياحين، ص 232)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ربّ ڪريم جو ڇا تہ نرالو شان آهي...!! جيڪو مالڪ ڪريم هڪ انڌي نانگ جي روزيءَ جو انتظام جهرڪي جي ذريعي ڪري سگهي ٿو، ڇا اهو اسان ٻانهن کي، غلامانِ مصطفيٰ کي ايئن ئي بي سهارو ڇڏي ڏيندو....؟ نہ....!! نہ. رزق جو ذمّو هن مالڪ پنهنجي ڪرم تي کنيو آهي ۽ هو ضرور نوازيندو آهي.

خلقت جب پانی کو ترسے، رِمُ جھم رِمُ جھم برکھا برسے
ہر اِک پر رحمت کی نظر ہے یاﷲُ! یاﷲ!

يقيناً الله پاڪ ڏيندو آهي، ضرور ڏيندو آهي. هرهڪ کي ڏيندو آهي. مسئلو اهو آهي ته اسان جا يقين ڪمزوز ٿي ويا آهن.

## حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هجو ڪامل يقين

مسلمانن جا پهريان خليفه حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جو ارشاد آهي.

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا

(سيپارو: 12، سورة هود: آيت:6)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ زمين تي هلندڙ ڪو ساهه وارو اهڙو ناهي جنهن جو رزق الله جي ذمي ڪرم تي نه هجي.

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: جڏهن کان مون هي آيت پڙهي آهي ته خدا جو قسم! مون روزيءَ جو فڪر ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو....!! جڏهن الله پاڪ فرمائي ڇڏيو ته رزق منهنجي ذمه ڪرم تي آهي ته
ان کان پوءِ اسان کي فڪر ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. تَوَڪُّل اپنايو، رزق الله پاڪ جي ذمه ڪرم تي آهي، اهو اسان کي رزق عطا فرمائيندو. اسان کي گهرجي ته رزق جي فڪر ۾ ڏينهن رات گذارڻ جي بجائي نيڪ ڪمن جي فڪر ڪيون، جنّت ۾ وڃڻ جي فڪر ڪيون.

يقيناً حلال رزق ڪمائڻ به اسان جي ذميداري آهي، مُنَاسب طور تي اسان کي ڪم ڪار به ڪرڻو ئي آهي پر ڏينهن رات مال ۽ دولت ئي جي فڪر ۾ پريشان

[1] اللمع فی التصوف،باب ذکر ابی بکر الصدیق...الخ،صفحہ:171

رهڻ هي صحيح ناهي. اسان الله پاڪ جي ڪمن ۾ لڳي وڃون، يعني❁ اسان نيڪ ڪم ڪيون ❁ نمازون پڙهون ❁ عبادتون ڪيون ❁ دين جي خدمت ڪيون ❁ مدني قافلن ۾ سفر ڪيون ❁ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ الله! اسان جا دنياوي ڪم به ٺھجي ويندا. بس اسان کي يقين پڪو رکڻ گھرجي...!!

## ڀروسو رکڻو آهي، اسباب ناهن ڇڏڻا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ رازق آهي، رزق ڏيڻ وارو آهي، اهو ئي سيني کي روزي ڏي ٿو، ڪنهن کي بکيو نه ٿو ڇڏي، اسان کي سندن وعدي تي پڪو يقين رکڻو آهي پر ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته اسان ظاهري اسباب ڇڏي ڪري ويهي رهون، مثلاً اَڄ ڪان ڪو هي نيت ڪري ويهي ته جڏهن الله پاڪ ئي رزق ڏيڻ وارو آهي ته ڪم ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ سڄو ڏينهن محنت ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ يقيناً الله پاڪ ئي رزق ڏيندو آهي، ڪنهن کي دُڪان جي ذريعي ڏيندو آهي، ڪنهن کي واپار جي ذريعي ڏيندو آهي، ڪنهن کي محنت مزدوري جي ذريعي ڏيندو آهي. ڏيندو اهو ئي آهي، ڏيڻ جا طريقا مختلف آهن. تنهنڪري اهي انداز ضرور اختيار ڪرڻ گهرجن. مشهور صوفي بُزرگ شيخ سعدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ شخص هيو، جيڪو پنهنجي گھران مزدوري ڪرڻ جي اِرادي سان نڪتو، ڪم جي تلاش ۾ هو، رستي ۾ اُن ڏٺو ته هڪ انڌي ۽ اپاهج لومڙي آهي، يعني نه ڏسي سگهي ٿي، نه هلي ڦري سگهي ٿي. ان کي ڏسي ڪري عجب ۾ پئجي ويو ته هي لومڙي ڪائي ڪٿان ٿي؟ جيئن ته هُو اتي لڪي ڪري ويهي رهيو، ٿوري ئي دير ڪان پوءِ هن ڏٺو ته اُتي هڪ شينهن آيو، ان جي وات ۾ ڪجھ شڪار هو، ان اهو شڪار لومڙي جي سامهون رکي ڇڏيو، جنهن مان لومڙيءَ کي جيترو کائڻو سو ان کاڌو، باقي جيڪو بچيو اهو شينهن کڻي هليو ويو، اهو شخص هي سڄو ماجرو ڏسي رهيو هو، جڏهن اُن الله پاڪ جي

قدرت جو اهو نظارو ڏٺو ته ان پڪي نيّت ڪئي ته جڏهن الله پاڪ هن لومڙي کي ڏئي سگهي ٿو ته مان ته اَشرف المخلوقات آهيان، مون کي به عطا فرمائي سگهي ٿو. جيئن ته هُو هڪ مسجد جي ڪنڊ ۾ وڃي ويهي رهيو ۽ الله، الله ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن گذري ويو، کاڌو نه مليو، ٻيو ڏينهن گذري ويو پوءِ به کاڌو نه مليو، ٽيون ڏينهن به گذري ويو، کاڌي جو ڪو بندوبست نه ٿيو، هاڻي بک جي ڪري حالت خراب ٿي چڪي هئي، اُن تڙپي ڪري الله پاڪ جي بارگاھ ۾ فرياد ڪيو ته غيب مان آواز آيو: اي انسان! تو لومڙي کي ته ڏٺو، چا شينهن کي نه ڏٺو؟ چا اهو سنو ناهي ته تون شينهن وانگر ٿئين، پنهنجي لاءِ به محبت ڪر ۽ ٻين کي به کاراءِ. هاڻي ان شخص کي هوش آيو ۽ هُو محنت مزدوري ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويو.[1]

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! مقصد اهو آهي ته الله پاڪ جي عطا تي، جي عنايتن تي، ان جي رحمتن تي يقين ضرور رکڻ گهرجي پر ان جو هي مطلب ناهي ته اسان محنت ڪرڻ ڇڏي ڏيون. جيڪا قوم محنت ڪرڻ ڇڏي ڏيندي آهي، الله پاڪ جي رحمت ان جي طرف مُتَوّجهه ناهي ٿيندي. لهٰذا محنت به ڪندا رهو ۽ الله پاڪ تي يقين به ضرور رکو.!

## تون ئي غالب آهين

پيارا اسلامي ڀائرو! سچ چوان ٿو: جيڪڏهن اسان جو يقين پڪّو ٿي وڃي ته هر ميدان ۾ ڪاميابي اسان جا قدم چمنديم اسان هن دنيا ۾ به ڪامياب ٿي ويندا سين ۽ آخرت ۾ به سنورجي ويندي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اَنۡتُمُ الۡاَعۡلَوۡنَ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۳۹﴾

ترجموڪنزالعرفان: جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو ته توها ئي غالب ايندؤ[2]

---

[1] ڪلياتِ سعدی، بوستان، باب دوم در اِحسان، صفحہ:200ملخصاً۔

[2] (پاره:4، آل عمران:139)

يعني اي مسلمانو...!! اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا غلامؤ....!! غالب توهان ئي ايندؤ بس شرط هڪ آهي: سچي ايمان وارا ٿي وڃو! اللّٰه پاڪ تي ڪامِل ڀروسو رکڻ وارا بڻجي وڃو...!! هي هڪ شرط پوري ڪئي وڃي، ايمان سچو ۽ يقين مضبوط ڪيو وڃي، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ! مسلمان هميشہ غالب رهندو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِیۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## يقين ايمان جي جان آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڳالهہ ياد رکو! اللّٰه پاڪ تي، اُن جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ۽ اللّٰه ۽ رسول جي فرمانن تي پڪّو يقين ۽ مضبوط اعتماد هجڻ هي ايمان جي جان آهي، جيڪڏهن هي اعتماد ٿي ڪمزور ٿي وڃي تہ اسان جو ايمان خطري ۾ پئجي سگهي ٿو. لهٰذا هي لازم ۽ ضروري آهي تہ اسان پنهنجي عقل کان وڌيڪ، پنهنجي اکين کان وڌيڪ، پنهنجي تجربي کان وڌيڪ اللّٰه ۽ رسول جي احڪامن تي ۽ سندن فرمانن تي يقين رکون. مشهور مفسر قرآن مفتي احمديار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اللّٰه ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي اعتماد هجڻ ايمان جي حقيقت آهي، شيءِ کي ڏسي ڪري يا ٻُڌي ڪري تہ هر شخص مڃي وٺندو آهي پر اها شيءِ جيڪا اُن کان غائب هجي ۽ عقل ۾ نہ اچي، ان کي صرف انهي ڪري مڃڻ جو اها رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمائي آهي، هي هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ سندن دل ۾ اطاعت آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: سچ پڇو تہ ايمان جي جان تہ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خبر تي پنهنجا حَوَّاس(اک، ڪن ۽ عقل وغيره) کان وڌيڪ اعتماد هجي، جيڪڏهن اسان اکين سان ڏسي رهيا آهيون تہ هن وقت ڏينهن آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا تہ هن وقت رات آهي تہ اسان جون اکيون ڪوڙيون آهن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سچا آهن ڇوتہ اسان جي اک هزارين ڀيرا غلطي ڪري ويندي آهي پر سندن فرمان ڪڏهن

غلط ناهي ٿيندو. ڪنهن شاعر ڇا خوب چيو آهي:

اگر شاہ رُوزِ را گوید شَب اَست اِیں | بَبَاید گُفتْ اِیں کہ ماہ و پَروِیں

**مفهوم:** جيڪڏهن بادشاهه ڏينهن جي وقت کي چئي ته هي رات آهي ته چوڻ گهرجي: جي ها! هي ڏسو! چنڊ تارا نظر اچي رهيا آهن.

## ڪامل يقين جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! هي سمجهڻ جي ڳالهه آهي، اسان جي سمجهه ۾ ڪجهه اچي ٿو يا نٿو اچي، اسان جي ننڍي عقل ڪنهن ڳالهه جي آخر تائين پهچي سگهي ٿي يا نٿي پهچي سگهي جيڪا ڳالهه الله ۽ رسول فرمائي ڇڏي، اها حق آهي، جيڪڏهن اسان جي سمجهه ۾ ڪجهه نٿو اچي ته اهو اسان جي سمجهه جو قصور آهي. انهيءَ ڪري اسان کي يقين اپنائڻ گهرجي، ڪامل يقين جون ڪوڙ برڪتون آهن.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهن کي هن دنيا ۾ سيني ڪان بهترين شيءِ يقين ۽ عافيت عطا ڪئي وئي آهي، لهٰذا الله پاڪ ڪان انهن ٻنهي شين جي باري ۾ سوال ڪندا ڪيو....!!

حضرتِ امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هي حديث پاڪ بيان ڪئي، پوءِ فرمايائون: رسولِ اڪرم، شاهه بني آدم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچ فرمايو: ❁ يقين ئي جي برڪت سان جنت ملي ٿي، ❁ يقين ئي جي برڪت سان انسان جهنم کان پري ڀڄي ٿو ❁ يقين ئي جي برڪت سان فرائض پورا پورا ادا ڪري ٿو ❁ يقين ئي جي برڪت سان انسان ايمان تي ثابت قدم رهي ٿو ❁ ۽ عافيت ۾ وڏي ڀلائي رکي وئي آهي.(1)

---

[1] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحہ:26، حدیث:13

## عبادت جو ڪمال ڪھڙو آھي؟

حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنھنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايو: پٽ! ھر عمل جو ھڪ ڪمال ۽ ھڪ انتھا ھوندي آھي ۽ عبادت جو ڪمال پرھيزگاري ۽ مضبوط يقين آھي.[1]

## يقين جي برڪت سان جنت ملي وئي

حضرتِ مغيره بن حبيب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت عبدالله بن غالب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو انتقال ٿيو تہ ڪنھن خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: اوھان سان ڇا معاملو ٿيو؟ فرمايائون: چڱو معاملو ٿيو. پڇيائون: ھاڻي توھان ڪيڏي وجي رھيا آھيو؟ فرمايائون: جنت جي طرف. پوءِ فرمايائون: مون کي ھي نعمت چڱي يقين ۽ تھجد ۾ ڊگھا ڊگھا نفل پڙھڻ جي برڪت سان حاصل ٿي آھي.[2]

## رحمت يقين سان ملندي آھي

حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: بيشڪ رحمت ۽ مشڪلات کان نجات يقين ۽ الله پاڪ جي رضا ۾ آھي ۽ غم ۽ پريشاني شڪ ۽ الله پاڪ جي نافرماني ۾ آھي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! ھي يقين جي برڪت آھي ❁ يقين جي برڪت سان جنت ملندي آھي ❁ يقين جي برڪت سان پريشانيون پري ٿينديون آھن، ❁ يقين جي برڪت سان صبر ڪرڻ آسان ٿيندو آھي ❁ يقين جي برڪت سان انسان عبادت تي استقامت ماڻي وٺندو آھي ۽ ❁ يقين جي برڪت سان دنيا ۾ ترقي ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ملندي آھي.

---

[1] موسوعہ ابن ابی دنيا، كتاب اليقين ، جلد:1، صفحہ:27، حديث:14۔۔

[2] موسوعہ ابن ابی دنيا، كتاب اليقين ، جلد:1، صفحہ:28، حديث:17۔

[3] موسوعہ ابن ابی دنيا، كتاب اليقين ، جلد:1، صفحہ:31، حديث:23۔

# جهڙو يقين تهڙو نتيجو

وڏي مشهور حديث قدسي آهي: ربّ ڪريم فرمائي ٿو: اَنَا عِنۡدَ ظَنِّ عَبۡدِیۡ بِیۡ مان پنهنجي ٻانهي جي گمان جي ويجهو هوندو آهيان، جيڪو مون سان رکي.[1] مفتي احمديارخان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث جي حوالي سان فرمائن ٿا: هتي عبد مان مراد مومن ٻانهو آهي. يعني ٻانهو منهنجي باري ۾ جهڙو يقين رکندو، مان اهڙو ئي معاملو اُن سان ڪندس.[2]

جو سوچتا ہوں، وہی بات ہونے لگتی ہے
جُڑا ہوا ہے زمانہ مرے گمان کے ساتھ

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ تي ٿورو غور ڪيو! الله پاڪ ٻانهي جي گمان سان گڏ آهي، جهڙو يقين هوندو، اهڙا ئي نتيجا نڪرندا، هاڻي غور ڪيو! ❁ جڏهن ذهن ئي اهو ٺاهيو وڃي ته سچ ڳالهائڻ سان ڪاروبار ناهي هلندو، پوءِ ٻڌايو! رزق ۾ برڪت ڪٿان ڪان ٿيندي؟ ❁ جڏهن ذهن ئي اهو ٺاهيو وڃي ته ترقي جي لاءِ دنياوي ڊگريون گڏ ڪرڻ ضروري آهن، پوءِ قرآن ڪريم جون برڪتون ڪٿان نصيب ٿينديون؟ ❁ جڏهن ذهن ٺاهيون وڃي ته اڄ نيڪي جو دور ناهي، پوءِ نيڪي جي توفيق ڪيئن ملندي؟ ❁ جڏهن مال ۽ دولت ۽ دنيائي ڪي سڀ ڪجھ سمجهي ورتو ته ڀلايون ڪٿان ملنديون؟

الله پاڪ کان نيڪ گمان رکو! ❁ ڪاروبار ۾ سچ ڳالهايو، الله پاڪ رزق به عطا فرمائيندو، ان ۾ برڪت به ڏيندو، ❁ نماز جو وقت ٿي وڃي ته سيئي ڪم ڪار ڇڏي ڪري نماز جي طرف هلڻ جي عادت ٺاهيو! الله پاڪ دنيا به بهتر ٺاهي ڇڏيندو، آخرت به ❁ قرآن ڪريم پڙهڻ، سکڻ، سمجهڻ ۽ ان تي

[1] صحيح مسلم، كتاب الذكر و الدعاء ...الخ، باب الحث على ذكر الله، صفحه: 1033، حديث: 2675ـ
[2] مرآة المناجيح، جلد: 3، صفحه: 306ـ

عمل ڪرڻ جي طرف وڌو! الله پاڪ دنيا ۾ بہ ترقي ڏيندو، قبر و آخرت ۾ بہ نور نصيب فرمائيندو.

## چور قطب ڪيئن بڻيو...؟

علامہ ارشد القادري رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه هڪ واقعو لکيو آهي، نهايت خوبصورت آهي، مختصر ڪري ٻڌايان ٿو: عبدالله نالي هڪ ذاڙيل هيو، الله پاڪ کيس هدايت ڏني، ان کي قبر ۽ آخرت جي ياد آئي، اُن پنهنجي گناهن تي غور ڪيو تہ ڪيس فڪر ٿي تہ مان پاڻ کي نيڪ راهہ جو مسافر ڪيئن بڻايان؟ جيئن تہ ٻہ چار ماڻهن کان مشورو ڪيائين، ڪنهن اُن کي چيو: جيڪڏهن توهان سڌرڻ چاهيو ٿا تہ پهريان مرشد ڳولهيو، اهو توکي الله پاڪ جي راهہ تي هلائيندو، هاڻي سوال اهو پيدا ٿيو تہ مرشد ڪٿي ڳولهجي؟ مشورو ڏيڻ وارو بہ ڪو عام انسان هو، ان چيس: الله پاڪ تي يقين رکي ڪري مرشد جي تلاش ۾ نڪري پئو، جنهن تي تنهنجي دل مطمئن ٿي وڃي تہ هي پير آهي، ان کي پنهنجو مرشد بڻائي وٺجان. جيئن تہ جڏهن رات ٿي، اُن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سچّي دل سان روئي روئي ڪري توبہ ڪئي، اَڌي رات جو پير جي تلاش ۾ نڪري پيو، ڳوٺ کان ٻاهر چوڪ تي پهتو تہ هڪ شخص ايندي نظر آيو ان ذهن بڻايو تہ هي ئي پير آهي، مان انهي جو مريد بڻجندس پر جيڪو سامهون اچي رهيو هو، اهو ڪو پير نہ بلڪ چور هو، رات جي وقت چوري جي اِرادي سان نڪتو هو، ان جو چوتہ ذهن بڻيل هو، جڏهن تہ جيئن ئي اهو چور ويجهو آيو، اُن سندس دامن پڪڙي ورتو پير صاحب! مون کي پنهنجو مريد بڻايو! پير صاحب! مون کي پنهنجو مريد بڻايو! ربّ جي راهہ تي لڳايو!

اهو تہ هو چور.....!! ان کي پنهنجي فِڪر ٿيڻ لڳي تہ مان ڪٿي پڪڙجي نہ پوان. خير! ان جان ڇڏائڻ جي لاءِ چئي ڇڏيو: پٽ! مون توکي پنهنجو مريد بڻائي ڇڏيو. هاڻي مان وڃي رهيو آهيان، هتي ئي بيهجان، مان واپس اچي ڪري توکي الله پاڪ جي راهہ تي لڳائي ڇڏيندس.

هي چئي ڪري اهو چور هليو ويو، هي پنهنجي پير صاحب جو حڪم سمجهي ڪري اُتي ئي ويهي رهيو، هڪ ڏينهن گذري ويو، پير صاحب نہ آيو، ٻيو ڏينهن گذري ويو، پيرصاحب نہ آيو، سندس گهر وارا آيا، چوڻ لڳا گهر هلو! هتي رستي ۾ نہ ويهو. دوست آيا اهي بہ سمجهائيندا رهيا پر ان جي طلب سچّي هئي، لڳن پڪّي هئي، جنون هيو تہ مون کي نيڪ ٻڌڻو آهي ۽ پير ئي مون کي نيڪ ٻڌائيندو، پير صاحب چئي ويا آهن تہ هتي ئي ويهجو، لهٰذا مان هتي ئي رهندس. پير تہ حقيقت ۾ هڪ چور هيو. ان کي نہ اچڻو هو، نہ ئي ورِي آيو. عبدالله تہ ان جي انتظار ۾ راهون تڪي رهيو هو تہ اجهو تہ مرشد موٽي اچي.

قسمت ڏسو! هوڏانهن اهو چور چوري ڪرڻ جي اِرادي سان حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي گهر ۾ گهڙي پيو، اندر وڃي ڪٿي لڪي ويهي رهيو، انهيءَ مهل حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تهجد جي نماز کان فارغ ٿيا، هڪ شخص حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: عاليجاهـ! فلاڻي شهر جي ابدال جو انتقال ٿي ويو آهي. حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪئي ۽ ان چور تي ولايت جي نگاهہ وڌائين، هڪ ئي نگاهہ ۾ ان کي توبہ بہ ڪرائي، ولايت جا درجا بہ طئي ڪرائي ڇڏيا، پوءِ فرمايائون: هاڻي ڪان تون فلاڻي شهر جو اَبدال آهين، فوراً اتان جي لاءِ روانا ٿي وڃو.

قسمت ڏسو! چوري جي اِرادي سان ويو هو ۽ ولي ٿي واپس موٽيو. هاڻي هي اڳوڻو چور پر هاڻوڪو ولي ڪامل حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡہ جي ٻڌايل شهر جي طرف روانو ٿيو، رستي ۾ انهي ڳوٺ وٽان لنگهيو، جتي عبدالله اجا تائين پير صاحب جي انتظار ۾ ويٺو هيو. جيئن ئي اُتي پهتو تہ عبدالله پڪاري چيو: مرشد ڪامل اچي ويو ۽ ڊوڙي اچي پاڪر پاتائين. هاڻي ڪيس سچو واقعو ياد اچي ويو ۽ سمجهي ويا تہ هي هڪ شخص جي سچي لڳن ۽ پڪي يقين جو ڪمال آهي جو ربّ مون تي اهڙي عنايت فرمائي آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي پڪي ۽ ڪامل يقين جي برڪت....!! هن

[1] موسوعہ اسلاميہ، لالہ زار، جلد:9، صفحہ:151تا164 ملخصاً.

نوجوان جو يقين پڪو هو، ان جي هن يقين جي برڪت سان چور جي به قسمت سنورجي وئي ۽ پاڻ ان نوجوان کي به برڪتون نصيب ٿي ويون. لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجو يقين پڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون.

## يقين سکڻ سان ايندو آهي

حضرت خالِد بن مِعْدَان رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: تَعَلَّمُوا الْيَقِينَ كَمَا تَعَلَّمُوا الْقُرآن يعني يقين کي به ايئن سکندا ڪيو جيئن قرآن سکندا آهيو! مون به ان کي سکي حاصل ڪيو آهي.[1]

معلوم ٿيو، يقين سکڻ سان ايندو، ان جي لاءِ باقاعده ڪوشش ڪرڻي پوندي، تڏهن اسان جو يقين مضبوط ٿيندو. هاڻي هي سکڻو ڪيئن آهي؟ دل ۾ يقين مضبوط ڪيئن ڪرڻو آهي؟ اچو! ان جا ڪجهه طريقا سکون ٿا:

## (1): دعا ڪيو!

هن جو پهريون طريقو ته اهو آهي ته الله پاڪ کان دعا ڪيو! مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ دعا ڪندا هئا:

اَللّٰهُمَّ هَبْ لِی اِیْمَانًا وَّیَقِیْنًا وَّمُعَافَاةً وَّنِیَّةً

ترجمو: اي الله پاڪ! مون کي پڪّو ايمان، مضبوط يقين، عافيت ۽ سچي نيت عطا فرماءِ.[2]

ٿي سگهي ته هي ئي دعا ممڪن هجي ته عربي ۾، نه ته پنهنجي اباڻي ٻولي ۾ ياد ڪيو! وقتاً فوقتاً الله پاڪ کان هي دعا گهرندا رهو! اِنْ شَآءَ الله! ڪامل يقين نصيب ٿي ويندو.

---

[1] موسوعه ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحه:28، حدیث:17۔

[2] موسوعه ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحه:22، حدیث:6۔

## (2) عبادت ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! يقين مضبوط ڪرڻ جو ٻيو طريقو آهي: عبادت جو اهتمام. يعني پوري اهتمام سان نيڪ ڪم ڪيا وڃن. ان سان بہ يقين مضبوط ٿيندو آهي. امام اِبْنِ اَبِي الدُّنيا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: اهتمام سان عبادت ڪرڻ سان ❁ فڪر پڪي ٿيندي آهي ❁ فڪر پڪّي ٿيڻ سان عبرت ملندي آهي. ❁ عبرت جي ذريعي دوانديشي ملندي آهي ❁ دوانديشي جي ذريعي مضبوط عزم ملندو(يعني قوّتِ اِرادي مضبوط ٿيندي) آهي. ❁ مضبوط عزم(يعني قوّتِ اِرادي) جي ذريعي يقين ڪامل ٿيندو آهي ❁ ڪامل يقين جي ذريعي بي نيازي ملندي آهي ❁ هن بي نيازي جي برڪت سان الله پاڪ جي محبت نصيب ٿيندي آهي ❁ ۽ الله پاڪ جي محبت جي ذريعي الله پاڪ جو قرب ملندو آهي.

سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙي پياري ڳالهہ آهي، هن روايت ۾ ٿورو ترتيب کي ڏسو! مثال طور ڪو خوش نصيب پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ تڪبير اوليٰ سان پوري اهتمام سان ادا ڪري ٿو، هاڻي هن اهتمام جي برڪت سان❁ فڪر چڱي ٿي ويندي ❁ فڪر چڱي ٿي وئي تہ عبرت نصيب ٿي ويندي❁عبرت نصيب ٿي وئي تہ دوانديشي ۽ عقلمندي ملندي ❁ عقلمندي ملي وئي تہ عزم(يعني قُوَّت اِرادي) وڌي ويندي ❁ قُوَّتِ اِرادي وڌي وئي تہ يقين مضبوط ٿي ويندو ❁ يقين مضبوط ٿي ويو تہ دنيا کان بي رغبتي ملي ويندي ❁ بي رغبتي ملي وئي تہ الله پاڪ جي محبت ملي ويندي ❁ الله پاڪ جي محبت ملي وئي تہ ربّ ڪريم جو قُرب نصيب ٿيندو.

ڏسو! ڳالهہ شروع ٿي نيڪين جي اهتمام سان ۽ نتيجو ڇا نڪتو...؟ الله پاڪ جو قُرب. لهٰذا پڪو يقين حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا، ڪامل يقين جون برڪتون لٹڻ چاهيو ٿا، الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ نيڪ ڪم پوري اهتمام سان ڪرڻ شروع ڪيو! اِنۡ شَآءَالله!ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون.

## نيڪ اعمال تي استقامت حاصل ڪرڻ جو طريقو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ اعمال تي استقامت ماڻڻ جو هڪ بهترين طريقو اهو آهي ته مڪتبة المدينہ تان نيڪ اعمال جو رسالو خريد ڪيو! نيڪ اعمال امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري جو عطا ڪيل بهترين تحفو آهي، هن رسالي کي پڙهو! هن جي مطابق پنهنجو جَدوَل بڻايو! هن جي ذريعي روزانو پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ! ❁ نيڪين تي استقامت به ملي ويندي ❁ اخلاق ۽ ڪردار ۾ بهتري به ايندي ❁ عشق رسول ۾ به اضافو ٿيندو ❁ روحانيت به ملندي ❁ ۽ الله پاڪ چاهيو ته ايمان ڪامل ۽ مضبوط يقين به نصيب ٿي ويندو.

## (3) دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان ۽ يقين وڌائڻ جو هڪ طريقو دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪرڻ به آهي. الله پاڪ جي نبي حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جو معجزو آهي ته پاڻ سمنڊ تي ايئن ئي هلندا هئا جيئن زمين تي هلندا هئا. هڪ ڀيرو سندن حوارين عرض ڪيو: ڇا اسان به پاڻي تان هلي سگهون ٿا؟ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: جيڪڏهن توهان جو يقين پڪو ٿي وڃي ته ضرور هلي سگهو ٿا، هي ٻڌي ڪري هڪ حواريءَ ڪوشش ڪئي پر هُو هلي نہ سگهيو، ٻڏڻ لڳو. حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي ٻاهر ڪڍيو. پوءِ هڪ هٿ ۾ مٽي ۽ هڪ هٿ ۾ سون کڻي فرمايو: توهان جي دل ۾ انهن ٻنهي مان ڪنهن جي چاهت آهي؟ انهن عرض ڪيو: سون جي. پاڻ فرمايائون: منهنجي نزديڪ هي ٻئي هڪجهڙا آهن.[1]

معلوم ٿيو جڏهن ٻانهو دنيا کان ايئن بي رغبت ٿي وڃي ته ان جي ويجهو پٿر ۽ سون هڪجهڙا ٿي وڃن ته ايمان ۽ يقين مضبوط ٿي ويندو آهي. الله پاڪ

[1] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحہ:38، 39، حدیث:

اسان کي دنيا کان بي رغبتي نصيب فرمائي. ڪاش! ڪامل ايمان ۽ مضبوط يقين نصيب ٿي وڃي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راه خدا ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ الله ۽ رسول جي محبت وڌائڻ، ايمان ۽ يقين کي مضبوط ڪرڻ ۽ دين ۽ دنيا جون ڀلايون ميڙڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ به خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ الله! ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هفتيوار هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾ به آهي. ❁ الحمد لله! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول ڳوٺن ڀهراڻين ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن. ❁ جمعي يا آچر واري ڏينهن اسلامي ڀائر اهڙن علائقن ۽ ڳوٺن جي اطراف ۾ ويندا آهن. جتي 12 ديني ڪم شروع ڪرڻ يا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي حاجت هوندي آهي ❁اُتي مسجد ۾ قيام ڪيو ويندو آهي.❁ طئي ڪيل جدول جي مطابق ڪنهن هڪ نماز کان بعد مسجد کان ٻاهر وڃي ويجهي گهرن ۽ دڪانن تي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي. ❁ عاشقانِ رسول کي هتي هٽ مسجد ۾ اچڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي مثال طور ❁ اچو! اوهان به اسان سان گڏ مسجد هلو! اِنْ شَآءَ الله! ❁علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو. ❁نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو. ❁ راهِ خدا ۾ نڪرڻ جي سعادت ملندي. حديث پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪو قدم راهِ خدا ۾ خاڪ هاڻو ٿيندو، ان کي جهنم جي باھ نه ڇُهندي. (مسند امام احمد،جلد:6، صفحه:507، حديث:16356خلاصتً.) ❁ جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجي مسلمان ڀائرن ڏانهن ڳوٺن ۾ وڃي حديث پاڪ ۾ ان جي لاءِ جنت جي بشارت آهي.( معجم اوسط،جلد:1، صفحه:472، حديث:1743.)

# اسان ته بس دعوت اسلامي جا ٿي ڪري رهجي وياسين

هڪ اسلامي ڀاءَ جو چوڻ آهي ته دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان عام نوجوانن جيان غفلت جي زندگي گذاري رهيو هيس، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ منهنجو پسنديده ڪم هو جنهن جي لاءِ مون هڪ ريڊيو به خريد ڪيو هو، منهنجي قسمت جو تارو ايئن چمڪيو جو هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ ۾ ڪجھ اسلامي ڀائر يوم تعطيل اعتڪاف جي لاءِ آيا، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءَ مون کي اعتڪاف ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، لهٰذا مان به پنهنجي دوستن سميت انهن سان شامل ٿي ويس، واپس ويندي هڪ اسلامي ڀاءَ هفته وار اجتماع جي دعوت ڏني ته اسان عرض ڪيو: جيڪڏهن ياد رهيو ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ! ضرور شرڪت ڪنداسين.

بهرحال اسان اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، اُتي انهن ئي اسلامي ڀائرن سان ملاقات ٿي جن اسان کي اجتماع جي دعوت ڏني هئي، اهي ايتري قدر اخلاق سان پيش آيا جو اسان ته بس دعوت اسلامي جا ٿي ڪري رهجي وياسين. منهنجو ته چڻ زندگي جو انداز ئي بدلجي ويو، نمازن جي پابندي نصيب ٿي وئي، ڳانن جي بجائي نعت شريف ٻڌڻ لڳس، چهري تي ڏاڙهي مبارڪ ۽ مٿي تي عمامو شريف سجائي ورتم، ايئن دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس.

| | |
|---|---|
| عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول | ہے فَیضانِ غوث ورضا دینی ماحول |
| تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے | نہیں ہے یہ ہر گز بُرا دینی ماحول |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب      صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ

نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[(1)]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## منديءَ جي باري ۾ سنتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! مرد کي سوني منڊي (Gold)پائڻ حرام آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سوني منڊي پائڻ کان منع فرمايو، ❁ سون ۽ چانديءَ جا زيور نابالغ (يعني تمام ننڍي) ڇوڪري کي پائڻ حرام آهي ۽ ان کي پارائڻ وارو گنهگار ٿيندو، اهڙيءَ طرح ٻارن (يعني ڇوڪرن) جي هٿن ۽ پيرن تي بغير ضرورت جي مهندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پاڻ پنهنجن هٿن پيرن تي مهندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪري کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي، ❁ لوهه جي منڊي جهنمين جو زيور آهي ❁ مرد جي لاءِ اها ئي منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊيءَ وانگر هجي، يعني فقط هڪ ٻُڙي جي هجي، جيڪڏهن ان ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻڙا هجن، جيتوڻيڪ اها چانديءَ جي ئي هجي، مرد جي لاءِ ناجائز آهي، ❁ ٻڙي کان سواءِ منڊي پائڻ نا جائز آهي، ڇو تہ اها منڊي نہ چلو آهي، ❁ چانديءَ جي هڪ منڊي هڪ ٻڙي سان پائڻ جائز آهي، جنهن جو وزن ساڍا 4 ماشہ (يعني 4 گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي، عيدُن ۾ منڊي پائڻ مستحب آهي، پر مردن کي اها ئي جائز منڊي پائڻ گهرجي، ❁ مرد کي منڊيءَ جو ٻڙو هٿ جي ترِيءَ ڏانهن رکڻ گهرجي ۽ عورت جي منڊيءَ جو ٻڙو هٿ جي پٺيءَ پاسي رکڻ هرجي، ❁ چانديءَ جو چلو خاص عورتن جو لباس آهي مردن لاءِ مڪروه (تحريمي، ناجائز ۽ گناهه آهي) ❁ عورت

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

سون ۽ چانديءَ جون جيتريون چاهي منڊيون ۽ ڇلا پائي سگهي ٿي، ان ۾ وزن ۽ ٻڙي جي تعداد جي ڪا پابندي نہ آهي ۞ لوهہ جي منڊي تي چانديءَ جو خول چڙهايو جو لوهہ بلڪل نظر نہ اچي، اهڙي منڊي پائڻ (مرد ۽ عورت ڪنهن ڪي) بہ منع ناهي.[1]

**مختلف سنّتون** سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَہْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] 550سنتیں اور آداب، صفحہ:57-58ملتقطاً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. (2)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1]...اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحه:151، خلاصةً.

[2]...اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحه:65.

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود

---

[1]...قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانى، صفحہ:277۔

[2]...اَفْضَلُ الصلاة، صفحہ:149۔

[3]...قَوْلُ البَدِيْع، باب اَوَّل، صفحہ:125۔

پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

---

[1]...الترغيب والترهيب، كِتَابُ الذِّكْر والدُّعَا، جلد:2، صفحه:329، حديث:30ـ

[2]...مَجْمَعُ الزَّوائِد، كِتَابُ الْاَدْعِيَه، جلد:10، صفحه:254، حديث:17305ـ

[3]...تاريخ اِبْنِ عَسَاكِر، جلد:19، صفحه:155، حديث:4415ـ

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(3)

---

1...اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:151، خلاصۃً۔

2...اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:65۔

3...قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:277۔

## (4) ڇھ لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. (1)

## (5) قُربِ مُصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. (2)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. (3)

## (1) ھڪ ھزار ڏينھن جون نيڪيون

---

1 ...اَفْضَلُ الصلاة، صفحہ:149۔

2 ...قَوْلُ البَدِيْع، باب اَوَّل، صفحہ:125۔

3 ...الترغيب والترھيب، كِتَابُ الذِّكْرِ والدُّعَاءِ، جلد:2، صفحہ:329، حديث:30۔

جَزَی اللہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہ عَنۡھما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(1)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.(2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1 …مَجْمَعُ الزَّوائِد، کِتَابُ الْاَدْعِیَہ، جلد:10، صفحہ:254، حديث:17305۔

2 …تاريخ اِبْنِ عَسَاکِر، جلد:19، صفحہ:155، حديث:4415۔